# ڪارو گهوٽ

ساوري ڇوڪري کي ڏسي موڻکي کل اچي وئي. ڏاڏيءَ منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون ورائي منهنجي نراڙي چمي چيو، ”شاباس هجيئي شاماڻي ڌيءُ! گهر جي عزت رکي آئيئي. هي ٻه ڇوڪرو پسند نه ڪريان ها نه پاڻين ته توکي عمر ڀر ڪنوارو وهاري ڇڏڻ جو سوچي ڇڏيو هو.“

مان واڻڙي ٿي ويس. موڻ چيو، ”آما پر موڻ نه انهيءَ ڇوڪري کي پسند ڪين ڪيو آهي.“ ۽ يڪدم ٻاڻوءَ کي سڏ ڪري چيم: ٻاءُ! ڇوڪرو نه مون لاءِ اهڙو ڳولي آيو آهين جو ٻئي ٻارڻ جي ضرورت ئي نه پوندي!

ٻاڻو چيو، ”ان جي معنيٰ هي ته دٻوڪ توکي پسند آهي نه؟“

موڻ رڪجي چيو ”دٻوڪ ڇا جو چندرما چڱو چندرما!“

ٻاڻو ٽهه ٻهه دٻوڪ کي ٻئي ڪمري مان ڇڪي وٺي آيو ۽ منهنجو هٿ ڪٺي سندس هٿ ڏسي رکيائين پنهنجي ڪڙڪا ڪولا ٻاڻيءَ مان سيندي کي چندا هڻي ڇوڙ لڳو، ”وڏائجو ٻائي وڏائجو...... اڙي ڪوئي آهي؟ ٻ هار نه ڪٺي اچو! سوهوڙ جي رسم ادا ٿي وڃي...“

مان ته منهن ۾ گهنڊ وجهي پاڻ ڏي ڏسي رهي هيس ته هيڏانهن نهاري ته چوانس: "هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟ ... پر پاڻ نهاري ڇو ٿو - نهارڻ جو وقت ٿي ڪونه هوس. ڇو ته منهن ۾ سندس جوءِ ٻن هارن سوڌي ڀرڳهت ڏسي . وائي. ڪيترائون ساهيڙيون ته ٻنهي پاسي اچي سهڙيون. مونکي گهوٽ صاحب جي سامهون ڪري ڀاريائون. مون ته ڪاري ڪمار ڪي ڏسڻ ڪان ٿي ٻان ٻري ڇڏي هئي. سو ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي رهيس. ساهيڙين منهنجن هٿن کي مٿي ڪري سندس ڳلي ۾ مونکان هار وجهايو. مان اندر ۾ پئي اٻاميس. دل ۾ چيم: هاڻي ڀلي خوش ٿئي اهو ڪارو ڪلوٽو، پر جيڏي مهل ٻڌندو ته شامليءَ ڪوٺائي خان سان ڪل ڪل ۾ مڱڻو ڪيو هو ۽ هاڻ شادي ڪرڻ کان ناري ٿي واري ته اوڏي مهل اهي نينگ ٿيا ڏيندو جي اٽ ڏيندا آهن ڊڀاءِ ڏسڻ ٿي.

اوچتو محسوس ڪيم ته ڪجهه ڳرو ڳرو اچي منهنجي ڳلي ۾ لٽڪيو آهي. ٻاپ ڙي! هيڏو هار! جان ڪٽي ڏسان ته سچو ڪاڄين ڪشمش جي وچ وچ ۾ نوٽن سان پوئل ۽ پٺاڻي ۾ صوف مٿان ۽ نوٽن جي ٿهي پوئلي پيئي آهي. دل چيو: آهي ڪارو پر ناڻي وارو. مگر اليئي مڻ ڦٽڪارئو: ڇوري مٿان هرکي آهين ناڻي لي. ٻاهه ڏجي اهڙي ناڻي کي جو سچو ڏينهن ٻهنجي اکيان وساڻيل لالئين جي

کاري شيشي کي ڏسڻو پوي. اھڙي جيئڻ ۾ جس
کھڙو؟ ليڪن ھي ڇا!الاجي ڪٿان پاڻيڻ اچي پھتو گيڙو ۽
رڙا ڪيڙا مٿي ٿي، ڪنگو ۽ رلو ٿلڪ مدھن ۾ مھما
اھڙي جڻ ستدارائڻ جي ڪٿا مان سدائن سواءِ
پرگھٽ ٿي پڌارپو ھو. اوچتو مدھڄو ھٿ ڪڍي
دپڪ جي ڪاري ھٿ مٿان رکيائين ۽ مٿر اچارڻ
لڳو. مدھڄي ھٿ پصورت ھٿ ڇا ۽ چمڪو ڏيکاريو...
پدھڄي ھٿ جي اچارڻ ٿي خرد ٿي مرھت ٿي
پيس. چوان پيٺي: لڏھن روشنيءَ جي ھستي اوندھ
سبب معلوم ٿئي ٿي. اچا ڪاري ھٿ مان پدھڄو
سھڻو ھٿ کسڪائي ڪڍي وٺڻ جو سعيو پئي ڪيم
۽ ڪاري وٺي زور ڏنو. ھون ۽ ۽ مان ڏکڻي آھيان.
ڪوئي ڪل چرچي ۾ ا، اھڙو زور ڏنيم ۽ جيڪر
وٺي کيڪ ڪريان. پر ھن جو زور ڏيڻ ٿي ڪدھن
عجيب پڻگ جو ھو. اس، ھٿ قابو ٿي ويو ۽ بدن
نشي ۾ نستو ٿيڻ لڳو. من چئيو جي: شاملي اچ ۽
پاڻ ڇڏائڻ ۽ ھي جادوگر ھڻي جوءِ ڪري وھاريندو.
ليڪن سگھہ ۽ سرمو ا، ھڄي بدن ۾ ۽ ناڙڪ ھٿ
ڇڏايان! اچا ھٿ ڇڏائڻ جي ڪا ڪوشش ڪيم ۽
وري اھڙو مضبوطيءَ سان زور ڏنائين جو ساري
بدن ۾ وچ جو وراڪو ڦري ويو. ھاڻ ۽ سرپر ۾ سٽ
ٿي ۽ رھيو ھو. اپتري ۾ ڇا ٿي ڏسان ۽ پاڻيڻ اسان
جي ھٿن اندر ھڪ ڪارڪ ڪھاڻي مٿان گسڙھن ڏاڍن

سان هٿن ڪري وڏي سوگهو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. دل چيو: الا شاملي هي ته قصو وڃي ٿو وڌندو ...... منهنجي من شيطان وانگر اندر ٿيو ڏنو. ڇي: اهال جيترو زور سان اڇليو اوترو زور سان واپس ايندو ... ترس ته ڪنهن ٿي سيني ڪري مزو چکايان.

سکيو ن سڀ گڏجي ڪوچ ڪري سوري آيون هيون، مان ڪنهن طرح پاڻ کي غافل ٿيڻ کان بچائي ان لئي وڃي رهيس. پر لڳو پئي هٿ جي اندر ڪا اهڙي بجلي جي ڪرنٽ چالو ٿي وئي هئي جو هوش سنڀالڻ مشڪل ٿي لڳو.

پاڻيءَ جو مڪ ته هليو ڪونه پئي. پوءِ ٻه وڏي پڙهڻ جو آواز منهنجي ڪنن بلڪل صاف پئي پئو. دل ۾ چيم: پاڻو مونکي هن الڪل سان شاديءَ جي پڌن ۾ پڌي، پر مان ته سياڻي آهيانس. پڌ آزاد ڪرائي اچي گهر وهندي سانس.

اچا وڏي مس پوري ٿي ته هرڪو پاڻيءَ کائڻ لڳو. ڪاري گهوٽ کي مٺگولا ڏنائون ته هن يڪدم اها ڪٽي منهنجي چپن وٽ جهلي. هڙي گهٽ گهٽان ۾ اڄ ته زبردست لڳي هئم سو ذري گهٽ مٺي پاڻلي ته هڪ ٿي ڳيس سان ئي ويس، پر ڇا ڏسان ته هي زن مريد ڪٽنديئي اها جو ٿي پاڻلي پنهنجو ئي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري منهنجي ڪن وٽ آيو چوي:

”جن چپن جي ڇهڻ سان، مڱگولا ڦهڙي مٿي اُٿي ٻوٽي ٿي ۽ اهي چپ ۽ قيامت هوندا ... “

آلا مان ۽ ڄڻ مري ويس. هن ڪاري گهوٽ ۽ هڻي منهنجي سسي تي نيري پاند اڇلي ڇڏي. هت اڳيئي سوڳها ۽ ساهه هيٺ مٿي. وري مٿان هيءَ سرگوشي !! اهڙي سڪ ۽ سهڻن جا خانداني خريدارن ۽ ڏيکاري هئي هن وٽ ۽ رڳو چڪ اُتي چڪ هئي.

سڪينه ٻئي ڪن وٽ گونجار ڪئي. چي: ڏاڍيون مٺيون ڳالهيون ٻيو ٻڌائيئي شايد. مونکي ڪل اچي ويئي.

هڪ سکيءَ چيو، ”لون ۽ ڳاڙهان ٿيئي. وڃ ڪري ڇوندي هئين ڪارو گهوٽ قبول نہ ڪين ڪنديس ... “

دل ۾ چيم: هن سکيءَ کي ڇو اَنڊ ڇوڪرا ناپسند ڪري ويا آهن سو منهنجي ڀاڳ، لي ٿيئي سڙي ٻري. ڪل اچا ۽ گهڻي اچڻ لڳي ڇو ته ان مهل ڪاري گهوٽ مڏائيءَ ڪري منهنجي واسع وٽ رکي سس ٻس ۾ چيو، ”سچي ۽ ڪارنج رڳو ڏندڙ چڪ ٿي ج، ڇتونءَ تڪيل ميوو ڪيڏو نه مٺو ٿيندو آهي ... “

دل ۾ چيم ”ڪل ڪٿي، هاڻي ٻڌ ۽ ٿي، ۽ ۽ ساهيڙن جي طعنن لڪن سان ۽ سڙجي ويندس.“

ٻانهڙ هٿيالو ڇڙڙو ۽ ٻگهو ساهه کڻي ڄڻ قيد مان

آئي ٿيس. چيم: هاڻي وڃي ٿي پاڻوءَ کي اهڙي ڏوهت ٻڌايان جو عمر ياد ڪندو. اڃا هڪڙو قدم مس وڌايم ته ڏٺم ته هوءَ منهنجي ان دفعا نڪرايل چنبڙي مهاڏوي منهنجي گهوٽ جي اڳيان اچي ٿي چوي، ”سانوري سلوڻي ڪرشن ڪنهن جي، ڪا ساڻس ٿي ٻه نظر نواري ٿيندي ڪين نه.“ منهنجي ڪاري گهوٽ، جو مٿس ابرار نظر نواري ڪئي ته مان آيئي ٻنڊ ٻهڙا ٿي ويس. سمجهيم گهر جو ڀيدو ٿي ڦري ويو آهي. واپس ڀير کڻي سوڙ ٻنڪا مهاڏويءَ کي ٻرتي ڪري گهوٽ جي پاسي ۾ وڃي رهيس.

ويڙهيءَ مهل منهنجي ڀاڄائيءَ منهنجي هٿن ۾ مندٻون پائڻ ۾ نوان چورا ڳچيءَ ۾ هيرن جي ان مٺي ؟ ٻيرن ۾ چير کڻي پائي هئي. مون جو ڏٺو ٻڌرهڻ چوڪرا نا پسند ڪيا هئا سو پاڻيءَ جي سڪ ۾ شايد ڏسڻ اچي ڦاٽي هئي.

چير ٻه گهنگهرو منهنجي ساڙهيءَ جي فال وارن سڳن ۾ ٽورو اٽڪي پيا هئا. جڏهن ٿي هٿ هيٺ ڪري انهن کي ڇڏائڻ جي ڪيم، تيئن ٿي ٻه هٿ اچي منهنجي هٿن سان ٻچڙا، گهوٽ راجا منهنجي ٻنهي هٿن سان منهنجي چير کي فال کان آجو ڪري ڇڏيو. مون چيو، ”شامليا! ٻڌرهڻ چوڪرا جي هن ڪان اڳي تو رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلايا هئا، سي هن ڪاري ڪمار وانگر ٽپ ٽپ ڪري

تنهنجي مدد ڪئن ها؟" شيطان اندر ۾ ٽهڪ ڏنو، "ٻيا ته هجي هي ته سانورو فقط چنبيءَ مهاڏيويءَ جي ئي لائق آهي. انهي وڃي پاروءَ جي ٽڪي لاءِ."

ايا اٿڻ جي ٿي ڪيم ته ڏسان ڪلوٽي مهاشيه. ته مونکي پٺيان سانڍهيءَ ڪان پڪڙي رکيو آهي. مون ٽيڏيءَ اک سان غصي مان ڏانهن نهاريو ته ٿو ڪن وٽ چيوئي، "هيترن ماڻهن جي اڳيان ڍهڙيءَ ڏيڻيءَ نظر سان ڇو ٿي ڏسين مونکي! ڪنل ڪي ورب ٿي ڪهين ڇا؟" ۽ پٺيان جيڪو هٿ سانڍهيءَ کي جهليل هوس انجو چنبو ڪونيءَ ۾ ته پڪڙجي ويو.

ڍهڙيءَ ڳالهه لي هونءَ ته مونکان ٽهڪ نڪري ويا ها. پر هيءَ مهل مند ئي اوچتي اچي ڪڙڪي هئي. مون ته پنيءَ کي زور سان ڪوچ ڏسي هٽي، سندس منهنجي پٺيان رکيل هٿ کي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هي ڇا؟ پنيءَ ۾ چيرڻ وڇونءَ جا ڏنگ اچي لڳا. مان پريشان ٿي ويس. هن حاڪم اک ٻچائي پٺيان هٿ ڪڍي ورتو.

مونکي انهيءَ مهل پاروءَ کي ڪن ۾ چيو، "تو مونکي ڪهڙ مان ڪيئن لاءِ هي سڀ سانگ رچيو آهي. هاڻي ڏسجان ٿا پيا ٿي ڪريان؟"

پاروءَ ڪوڙي اوچگار ڏئي ڪوڙي سڏڪو نڪ مان اڀالي ٻوڙ لڳو، "پيدري! منهنجي جان جگر مڙي نيمڪ پرائي ٿي وڃين ... هاءِ اڄ ممي-بابا

جيڪڏهن ها توکي اکين سان ڪنوار جي واس وڳي ۾ ڏسڻ ها ... " مٿان وري جو مونکي ڳلي لائي وٺي ڀاڪر پاتائين ته اکيون مهنجون بيوقوف اٿين رڙي پيئون جڻ ڪنهن اصر جو پاڻي پيتو هجو مهنجون. سڏڪا ڀريندي امان وڏيءَ کان موڪلايم. ڪارو گهوٽ ته موقعي لاءِ ڪو ترسيو ويٺو هو. سرهيءَ سيڌت وارو نرم ريشمي رومال ڪڍي ويٺو مهنجا ڳوڙها اگهڻ ..... اڄي اڄي مـان ته سڄيءَ ۾ روئي رهي هئس !!

هڪ سهڻي ڳاڙهيءَ موٽر ۾ ڪڍي وهارياؤن مونکي ڪنهن طرح ڪاري جي گهر ۾ ڇڏي پاڻ موڪلائڻ مهل پاڻ ۾ مهنجي هٿ ۾ وڏيل سوٽهيل ڏني جي ڏکري ڪٽي پڪڙائي هئائين، گهر جـي در وٽ ڪاري جـي ماءُ کير پيئاريا لاءِ جو ڪٽورو مهنجي اڳيان آندو ته هٿ وارو پڻ ڪٽـي گهوٽ راجا کي ڇهڻ لاءِ ڏنـم. کير پيئڻ مهل اوڙي پـاڙي جـون مائرون مهنجي سونهن جون سرڪيون ڀرڻ لڳيون.

ڪاري جـي ماءُ مهنجي مٿي لـي ڀيڪڻ جهليو پئي آئـي. هڪ سهڻي ننڍين غلم لي وهاري مونکي ڀاڪڙي پائي نراڙي چمي چمائين، تونهن گهر جي سونهن! سدائين ڀيڪڻ تي رهجان ءِ.

نڌيون نيٺيون مهنجا مٺيا ڪپڙا پيئون ساراهين انهن کـان وڌيڪ مهنجي نڪ چپ جـي سونهن

کي ساراهي چوڻ لڳو ”راڌا ڪرشن جي جوڙي آهي.“ ڪنهن چيو: ”اڄ ٻئي ديوتائون آهيو اسان جي نياڻين کي به آسيس ڪريو ته ههڙا ور گهر ملن...“

ماڻا! هنن ماڻهن جو ته دماغ بلڪل ئي خراب آهي ... آخر ڏڏر مٿي، ڪپڙا مٽي چڙهڻ واندي ٿيس، تڏهن پاڻوءَ واري ٻني جي چنڪي ياد پئي. ڪاري گهڙت ڏي نهاري اشاري ۾ چنڪي گهر آيم.

ستياناس! هي ته ديپڪ وساڻو پيو هو. چنڪي مونکي ائين پڪڙائين جڻ سندس قاسيءَ جو پروانو هو جو جيلر کي ٿي ڏنائين. ڪاري ڪرشن جي منهن جون ڪوڏيون جڻ ڪوڙيون ٿي وڻيون هيون. مونکي ان مهل ڪسندڙ پڪريءَ جون اکيون ياد اچي ويون. ڏاڍيءَ اڻ تڻ سان پڌو ڪيلهم. لکيل هو، ”معاف ڪج پيڙي! اڄ تاريخ ڪهڙي آهي، ضرور ياد هوندءِ انڪري هيءُ سڀو ڪارج اپريل فول جو چرچو سمجهي پڇي به ايندينءَ ته توکي ڪو به ميار ڪين ڏيندو. اصل ۾ مونکي هن واقعي کي اپتر و ڏائڻ جو وچار ڪين هو پر ديپڪ چرچي چرچي ۾ سارا پٽڄڻ شروع ڪري ڇڏيو. يا شايد مونکي ائين ٿو لڳي. مگر تون آزاد آهين اهڙو قول هن ڪارج جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي مون ديپڪ کان وٺي ڇڏيو هو.“

چنڪي پڙهندي محسوس ڪيم اهي ڪسندڙ

ٻڪڙيءَ وارا ٻون اکيون مون ۾ کتل آهن. ڪنڊ مٿي ڪيم نه ڇانئي ڏسان؟ هڪ ڏيئو آهي جنهن ۾ تيل نه تيل آهي وٽ، نه وٽل آهي ماچيس نه اڳيان رکيل اٿس مگر منجهس روشني ڪانهي. اگر مونکي انجي لاٽ ڏسڻي آهي نه فقط هڪ تيلي گسائڻ جي ئي دير آهي.

ڏسندي ڏسندي منهنجي چپن تي شايد مرڪ جي چلڪاٽ ظاهر ٿئي، ڇو نه ڏاتر فيوز ٿيل بلب ۾ به مرڪ پسڻ جي ونڌي هئي. ڏيئي ۾ لاٽ روشن ٿي چمڪي پيئي. گهوڙا گهوڙا هيڏو ٻرام! منهنجي انگ انگ مان سرسراٽ اچي وئي. دل چاهيو ته سڀني جي سامهون ٿي هن ڪاري ڪرشن کي دل وانگر وڪوڙجي وڃان.

اندر ۾ وڌي ڪل ڪل ڪندي منهنجي من جي روشني شامل ٿي الاجي ڪهڙو گهر جهنگ ٻڌڪي رهي هئي. ندي ڪاري وهندي پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ لوڏائي لوڏائي ڇڏيا اچلي ڇڏي رهي هئي. "آخر ٻڌجي وڃيءَ نه ڪاري گهوٽ جي ڪنوار!"

(١٩٨٥)